# سني ماحول جون برڪتون ۽ دوستي جا شرائط

هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو سنتن ڀريو بيان



اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# سنّي ماحول جون برڪتون ۽ دوستي جا شرائط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪيو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرود شريف جي فضيلت

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن آءُ ان جي شفاعت ڪندُس.

(جمع الجوامع للسيوطى ج ٧ ص ١٩٩ حديث ٢٢٣٥٢،از ضيائے درود و سلام،ص١١)

اُف وہ رہِ سنگلاخ، آہ! یہ پا شاخ شاخ
اے مِرے مُشکِل کُشا! تم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو (2) جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلٰي مُحَمَّد

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السيقن،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان بہ نيت ڪيان تو ❁ اللّٰه جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰی سَبِیۡلِ رَبِّکَ بِالۡحِکۡمَۃِ وَ الۡمَوۡعِظَۃِ الۡحَسَنَۃِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّیْ وَلَوْ آیَة[1] يعني "منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڌاڪو ويهارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] ...بخاری، کتاب احادیث الانبیاء،باب ماذکر عن بنی اسرائیل،462/2،حدیث:3461



www.dawateislami.net

## بيان ڪرڻ جون نيّتون

مان ھہ نيت ڪيان ٿو ❁ الله جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدۡعُ اِلٰى سَبِيۡلِ رَبِّكَ بِالۡحِكۡمَةِ وَ الۡمَوۡعِظَةِ الۡحَسَنَةِ "ترجمو ڪنزالايمان: پنھنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجھ ۽ چڱي نصيحت سان" ۽ بخاري شريف (حديث: 3461) جي ھن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: بَلِّغُوۡا عَنِّيۡ وَلَوۡ آيَة [1] يعني "منھنجي طرفان پھچايو جيتوڻيڪ ھڪ ئي آيت ھجي" ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ❁ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ❁ شعر پڙھڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالھائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنھنجي علميت جو ڌاڪو ويھارڻ مقصود ٿيو تہ ڳالھائڻ کان بچندس ❁ مدني قافلي، مدني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ❁ ٺھڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ❁ نظر جي حفاظت بٺائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاھون جھڪائي رکندس.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡبِ! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]...بخارى، ڪتاب احاديث الانبياء،باب ماذكر عن بنى اسرائيل،462/2،حديث:3461



www.dawateislami.net

## دل جي دنيا بدلجي وئي

حضرت سيّدنا حسن بن حَضَر عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡاَكۡبَر فرمائن ٿا: مون کي بغداد ۾ هڪ شخص ٻڌايو ته حضرت سيّدنا ابو هاشم عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الدَّائِم جن بيان فرمايو: هڪ ڀيري آئون بصره وڃڻ جو ارادو ڪيو. آئون ساحل تي آيس ته جيئن ٻيڙي ۾ سوار ٿي ڪري منزل جي طرف روانو ٿي وڃان، جڏهن اُتي پهتس ته ڏٺم ته هڪ ٻيڙي موجود آهي ۽ ان ۾ هڪ ڪنيز (غلام عورت) ۽ ان جو مالڪ سُوار آهي. مون به ٻيڙي ۾ سوار ٿيڻ چاهيو ٿي ته ڪنيز جي مالڪ چيو: ان ٻيڙي ۾ اسان کان علاوه ٻي ڪنهن کي سُوار ٿيڻ جي اجازت نه آهي، اسان هي سجي ٻيڙي ڪرائي تي ورتي آهي، تنهنڪري توهان وڃو ڪنهن ٻي ٻيڙي ۾ ويهي رهو. ڪنيز جڏهن هي ڳالهه ٻڌي ته ان پنهنجي مالڪ کي چيو: ان مسڪين کي ويهاري ڇڏيو. جيئن ته ان ڪنيز جي مالڪ مونکي ويهڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي ۽ ٻيڙي جُهلندي جُهلندي بصره جي طرف سمنڊ جي سطح تي هلڻ لڳي، موسم خوشگوار هو. آئون انهن ٻنهي کان الڳ الڳ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل هئس. اُهي ٻئي ڪِل مسخرين جي ڳالهين ۾ مشغول خوشگوار موسم جو مزو ماڻي رهيا هئا. پوءِ ان ڪنيز جي مالڪ کاڌو گهرايو ۽ دسترخوان وڇايو ويو. جڏهن اُهي ٻئي کاڌي کائڻ لاءِ وينا ته انهن مونکي سڏيو: اي مسڪين! تون به اچ ۽ اسان سان گڏ ماني کاءُ. مونکي تمام گهڻي بُک لڳي هئي ۽ مون وٽ کاڌي لاءِ ڪجهه نه هو، مون انهن جي دعوت تي انهن سان گڏ کاڌو کائڻ لڳس. جڏهن اسان کاڌو کائي فارغ ٿياسين ته ان شخص پنهنجي ڪنيز کي چيو: هاڻي مونکي شراب پياريو. ڪنيز فورًا شراب جو جام پيش ڪيو



www.dawateislami.net

۽ اهو شخص شراب پيئڻ لڳو، پوءِ ان حڪم ڏنو تہ ان شخص کي بہ شراب پياريو. مون چيو: اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي، آئون تنهنجو مهمان آهيان ۽ توسان گڏ ماني کائي چڪو آهيان، هاڻي آئون شراب هرگز نہ پيئندس. ان چيو: نيڪ آهي جيئن تنهنجي مرضي. جڏهن اهو شراب جي نشي ۾ مست ٿي ويو تہ ڪنيز کي چيائين: سارنگي (يعني باجو) آڻيو ۽ اسان کي ڳانو ٻڌايو. ڪنيز سارنگي کڻي آئي ۽ ڳانو ڳائڻ لڳي، ان جو مالڪ ڳانو ٻڌندو رهيو ۽ جهومندو رهيو.

هي سلسلو ڪافي دير تائين هلندو رهيو ۽ اهي ٻئي پنهنجي ان عياشي ۾ بدمست هئا ۽ آئون پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ مشغول رهيس. جڏهن ڪافي دير ٿي وئي ۽ ان جو نشو ڪجھ گهٽ ٿيو تہ اهو شخص منهنجي طرف متوجہ ٿيو ۽ چوڻ لڳو: ڇا تو ان کان پهرين ڪڏهن ان کان سنو ڳانو ٻڌو آهي؟ ڏس! ڪيتري پياري انداز سان ان ڳانو ڳايو آهي. ڇا تون بہ اهڙي طرح ڳائي سگهين ٿو؟ مون چيو: آئون اهڙو ڪلام ٻڌائي سگهان ٿو جنهن جي مقابلي ۾ هي ڳانو ڪجھ بہ حيثيت نہ ٿو رکي. ان حيران ٿي ڪري چيو: ڇا ڳانن کان بہ بهتر ڪو ڪلام آهي؟ مون چيو: ها! ان کان بہ بهتر ڪلام بہ آهي. ان چيو: جيڪڏهن تنهنجو دعوو درست آهي تہ ٻُڌائي ٿورو اسان ٻڌون تہ ڳانن کان بهتر ٻي ڪا شيءِ آهي؟ تہ مون سُوْرَةُالتَّكْوِيْر جي تلاوت شروع ڪري ڇڏي:

اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿۱﴾ وَ اِذَا النُّجُوْمُ انْكَدَرَتْ ﴿۲﴾ وَ اِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ﴿۳﴾

(پ۳۰، التكوير: ۱تا۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** جڏهن اس ويڙهي وڃي ۽ جڏهن تارا ڪري پون ۽ جڏهن جبل هلايا وڃن.



www.dawateislami.net

آئون تلاوت ڪندو ويس ۽ ان جي حالت تبديل ٿي رهي هئي، ان جي اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا. وڏي توجّهه ۽ عاجزي سان اهو ڪلامِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ ڪي ٻڌندو ويو، ايئن ٿي لڳو ته ڪلامِ الٰهي عَزَّوَجَلَّ جون تجليون ان جي ڪاريءَ دل کي منوّر ڪري چڪيون آهن ۽ هي ڪلام تاثير جو تير ٻڻجي ڪري ان جي دل ۾ لهي چڪو آهي، هاڻي ان کي عشقِ حقيقي جي سڃاڻپ حاصل ٿي رهي هئي . تلاوت ڪندي جڏهن آئون ان آيت تي پهتس:

وَ اِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۪ۙ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جڏهن عمل ناما کوليا وڃن.

(پ۳۰، التکوير:۱۰)

ته ان پنهنجي ڪنيز کي چيو: وڃ! مون توکي الله عَزَّوَجَلَّ جي خاطر آزاد ڪيو. پوءِ ان پنهنجي سامهون رکيل شراب جا سمورا ٿانهه سمنڊ ۾ اڇلي ڇڏيا. سارنگي، باجو ۽ سري تماشي جو سامان ٽوڙي ڇڏيا پوءِ هو وڏي ادب ڀرئي انداز سان منهنجي ويجهو آيو ۽ مونکي پنهنجي ڇاتي سان لڳائي هِڏڪيون ڀري روئڻ لڳو ۽ پڇڻ لڳو: اي منهنجا ڀاءُ! آئون تمام گهڻو گناهگار آهيان. مون سڄي زندگي گناهن ۾ گذاري ڇڏي جيڪڏهن هاڻي توبهه ڪندس ته ڇا الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي توبهه قبول فرمائيندو؟ مون ان کي وڏي محبت ڏني ۽ چيو: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ توبهه ڪرڻ وارن ۽ پاڪيزگي حاصل ڪرڻ وارن کي تمام گهڻو پسند فرمائيندو آهي، اهو ته توبهه ڪرڻ وارن کان خوش ٿيندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه کان ڪو مايوس نه موٽندو آهي، تون ان کان توبهه ڪر اهو ضرور قبول فرمائيندو.



www.dawateislami.net

جيئن تہ ان شخص منهنجي سامهون تمام ڪيل گناهن کان توبهہ ڪئي ۽ روئي روئي ڪري معافي گُهرندو رهيو. پوءِ اسان بصره پهتاسين ۽ اسان بنهي الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ دوستي ڪري ورتي. چاليهہ (40) سالن تائين اسان پائرن وانگر رهياسين، چاليهہ (40) سالن کان پوءِ ان مردِ صالح جو لاڏاڻو ٿي ويو. مونکي ان جو تمام گهڻو صدمو ٿيو، پوءِ هڪ رات مون ان کي خواب ۾ ڏٺو تہ پڇيم: اي منهنجا ياءَ! دنيا کان پوءِ تنهنجو ڇا ٿيو تنهنجو نڪاڻو ڪٿي آهي؟ ان وڏي دِلرُبا ۽ مني آواز سان جواب ڏنو: دنيا کان پوءِ مونکي منهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ جنت ۾ موڪلي ڇڏيو. مون پڇيو: اي منهنجا ياءَ! توکي جنت ڪهڙي عمل سان ملي؟ ان جواب ڏنو: جڏهن تو مونکي هي آيت ٻڌائي هئي:

وَاِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتۡ ﴿۱۰﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جڏهن عمل ناما کوليا وجن.

(پ۳۰، التکوير:۱۰)

تہ انهي آيت جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ انقلاب اچي ويو، انهي وجهہ سان منهنجي مغفرت ٿي وئي ۽ مونکي جنت عطا ڪئي وئي.

(عيون الحکايات مترجم، حصہ اول، ص۳۰۵ بتغير قليل)

منا منا اسلامي پائرو! توهان ڏٺو تہ ڪهڙي طرح هڪ نيڪ شخص جي رَفاقت (ساٿ) گناهہ جي شوقين شخص کي برائين جي کاهي مان ڪڍي آئي ۽ اهڙي طرح هو پنهنجي گناهن پري زندگي کان توبهہ ڪري نيڪي جي رستي تي هلڻ لڳو، اهو سمجهي ويو تہ هاڻي منهنجي نجات انهي نيڪ شخص جي صحبت ۽ همنشيني ۾ آهي. جيئن تہ ان انهي نيڪ شخص سان الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ دوستي



www.dawateislami.net

ڪري ورتي تہ جيئن ان جي برڪت سان زندگي جا باقي ڏينهن گناهن جي نحوست کان محفوظ رهن. آخرڪار رضاءِ الٰهي جي لاءِ چڱي صحبت اختيار ڪرڻ وارو هي شخص پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ گناهن کان بچندي سلامتيءِ ايمان سان عالَم جاوِيداني جي طرف روانو ٿي ويو.

خوب خدمت سُنّتوں کی ہم سدا کرتے رہیں
مدنی ماحول اے خدا ہم سے نہ چھُوٹے عمر بھر

## سني ماحول جون برڪتون

منا منا اسلامي ڀائرو! هي دنيا رنگ، نسل ۽ مختلف قسم جي تهذيبن ۽ طبقات ۾ ورهيل آهي، هر طبقو ، هر تهذيب ۽ هر رنگ و نسل جو شخص خود کي معاشري جو بهترين فرد سمجهندو ۽ پنهنجي برتري جو راڳ ڳائيندو آهي پر ياد رهي تہ بهترين معاشرو ۽ سنو ماحول اهو آهي جنهن جي بنياد خوفِ خدا، تقوٰي ۽ نيڪي و پرهيزگاري تي قائم هجي، جنهن ۾ ماڻهو الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ هڪ ٻئي سان محبت ڪندا ۽ هڪ ٻئي جي حقوق جو خيال رکندا آهن. جنهن سان تعلق رکڻ وارن ماڻهون اعلٰي سيرت ۽ ڪردار جا مالڪ هجن جو جيڪڏهن ڪو انهن جي صحبت اختيار ڪري تہ اهو بہ انهن جي رنگ ۾ رنگجي وڃي. يقينًا عقلمند شخص اهو آهي جيڪو اهڙي بهترين ماحول کي سڃاڻي ڪري ان جو هضو بڻجي وڃي ۽ ان ماحول جي ٻين ماڻهن جيان پاڪيزه زندگي گذاري.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ موجُوده دور ۾ تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول اسان جي لاءِ هڪ عظيم



www.dawateislami.net

نعمت آهي. اها ڳالهه ڪنهن کان لڪيل ڍڪيل نہ آهي جو دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان راهِ راست کان ڀٽڪيل بي شمار ماڻهو خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي جا پيڪر بڻجي ويا. دعوتِ اسلامي معاشري جي اصلاح ۽ نوجوانن جي علمي ۽ اخلاقي تربيت جي لاءِ جيڪي اقدامات ڪنيا آهن ان کان ماڻهن جي هڪ تعداد واقف آهي. اڇو تہ خود بہ ۽ پنهنجي اولاد کي بہ دعوتِ اسلامي جي مهڪندڙ ماحول سان وابستہ ڪري ڇڏيون. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ دين ۽ دنيا جي بيشمار فائدا حاصل ٿيندا.

## سٺي ماحول جون برڪتون

ياد رهي تہ سنو ماحول اپنائڻ وارو شخص نہ صرف خود فائدي ۾ رهندو آهي بلڪ اهو پنهنجي ذات سان ٻين جي لاءِ بہ نفع بخش هوندو آهي. ان کي ان مثال سان سمجهون تہ ماکيءَ جي مَک ٻين عام مکين وانگر گندگي ۽ غلاظت واري ماحول سان تعلق رکڻ جي بجائي چڱي ماحول کي اپنائيندي آهي اها گلزاري ۾ ميون ۽ گُلن جي صحبت اختيار ڪندي آهي. ان جي نتيجي ۾ ماکيءَ پيدا ٿيندي آهي. جنهن جا بي شمار فائدا آهن. جيئن تہ سيپاري 14 سُوْرَةُ النَّحل ، آيت نمبر 69 ۾ ارشادِ باري تعالٰي آهي:

يَخْرُجُ مِنْۢ بُطُوْنِهَا شَرَابٌ مُّخْتَلِفٌ اَلْوَانُهٗ فِيْهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ ؕ

(پ۳۰، التکوير:۱تا۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ان جي پيٽ مان پيئڻ جي هڪ رنگ برنگي شيءَ نڪري ٿي جنهن ۾ ماڻهن جي واسطي تندرستي آهي.



www.dawateislami.net

ظاهر آهي ته هي سني ماحول جون برڪتون آهن، معلوم ٿيو ته سني ماحول سان وابسته ٿيڻ وارن ماڻهون جتي خود تعريف جي قابل آهن اتي ٻين جي لاءِ به نفعي جو باعث ٿيندا آهن ۽ جيڪو مسلمان پنهنجي ٻين اسلامي ڀائرن جي لاءِ جيتري قدر نفع بخش ٿيندو، ايتري قدر ان جا مراتب ۽ دَرَجات بلند ٿيندا ويندا. جيئن ته حديثِ پاڪ ۾ آهي:

”خَيْرُ النَّاسِ اَنْـفَعُهُمْ لِلنَّاسِ“ يعني ماڻهن ۾ سڀ کان بهترين اهو شخص آهي جيڪو انهن کي سڀ کان وڏيڪ نفعو پهچائڻ وارو هجي.

(معجم الاوسط، ۴/۲۲۲، حديث: ۵۷۸۷)

پيارا اسلامي ڀائرو! سني ماحول سان وابستگي انسان جي ظاهر ۽ باطن جي اصلاح جو باعث بڻجندي آهي ڇو جو سنو ماحول سني صحبت فراهم ڪندو آهي ۽ هي ته هر هڪ ڄاڻي ٿو ته سني صحبت انسان تي اثر انداز ٿي ڪري ان کي سنو ٻڻائي ڇڏيندي آهي.

علامه جلال الدين رومي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا:

صُحبتِ صالِح تُرا صالِح کُنَد صحبتِ طالِح تُرا طالِح کُنَد

يعني چڱي صحبت توکي چڱو ٻڻائيندي ۽ بُري صحبت توکي بُرو ٻڻائي ڇڏيندي.

عطائے حبیبِ خدا مدنی ماحول
ہے فیضانِ غوث و رضا مدنی ماحول

جيتوڻيڪ چڱي صحبت مختصر ئي ڇو نه هجي پر ان جا فائدا بيشمار آهن. جيئن ته



www.dawateislami.net

## مجلسِ ذڪر ۾ شرڪت ڪرڻ جي فضيلت

مسلم شريف جي هڪ طويل حديثِ مبارڪ آهي جنهن ۾ ان خوشنصيبن جي لاءِ خوشخبري آهي، جيڪي ذڪرُاللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ دائرو ناهيندا ۽ جمع ٿي ڪري معبودِ برحق جو ذڪر ڪندا آهن، ان حديثِ مبارڪ جي آخر ۾ نبيِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: **فَيَقُوْلُوْنَ رَبِّ فِيهِمْ فُلَانٌ عَبْدٌ خَطَّاءٌ اِنَّمَا مَرَّ فَجَلَسَ مَعَهُمْ** يعني فرشتا (بارگاهِ رَبُّ العزت عَزَّوَجَلَّ ۾) عرض ڪندا آهن، اي ربّ عَزَّوَجَلَّ! ان ۾ فلان پانهو وڏو گناهگار هو، اهو ان (يعني ذڪر ڪرڻ وارن) جي ويجهي کان گذريو ته انهن سان گڏ ويهي رهيو. مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته اللّٰه تعالٰي فرمائي ٿو: **وَلَهٗ غَفَرْتُ هُمُ الْقَوْمُ لَا يَشْقٰى بِهِمْ جَلِيْسُهُمْ** يعني مون ان کي به بخشي ڇڏيو. (ذڪر ڪرڻ واري) اهڙي قوم آهي جو ان سان گڏ ويهڻ وارو بدنصيب ناهي هوندو. (مسلم،کتاب الذکر...الخ،باب فضل مجالس الذکر، ص۱۴۴۴،حديث:۲۶۸۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته نيڪن جي صحبت ڪيتري فائدي مند آهي جو جيڪڏهن ڪو گنهگار اچي ويهي رهي ته اهو به رحمتِ الٰهي کان محروم ناهي رهندو. جڏهن ته گهڙيءَ پر جي لاءِ چڱي صحبت اختيار ڪرڻ وارو به محروم ناهي رهندو ته پلا اهو خوش نصيب جيڪو سُنّتن ڀرئي نيڪ ماحول سان هميشه جي لاءِ وابسته ٿي وڃي، رحمتِ الٰهي کان ڪهڙي طرح محروم رهجي سگهي ٿو.

اهڙي طرح حضرت سيّدنا ابو رزين رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته رسول اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن انهن کي فرمايو: ڇا آئون تنهنجي ان شيءِ جي اصل تي رهنمائي نه ڪريان جنهن سان تون دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي



www.dawateislami.net

حاصل ڪري ونين (اها اصل شيءِ هي آهي تہ) توهان ذڪر جي مجلسن ڪي اختيار ڪريو ۽ جڏهن اڪيلائي ۾ هجو تہ جيتري قدر ٿي سگهي تہ پنهنجي زبانن کي الله عَزَّوَجَلَّ جي ذڪر ۾ هِلائيندا رهو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ محبت ڪريو ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي راهہ ۾ عَداوت ڪريو.

(شعب الايمان، باب فی مقاربۃ...الخ، فصل فی المصافحۃ...الخ، الحديث ۹۰۲۴،ج۶، ص۴۹۲)

مفسر شهير حڪيم الامت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الْمَنَّان ان حديثِ پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: ان مان مراد جون مجلسون آهن ڇو جو هي مجلسون جنت جا باغات آهن جيئن تہ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ هي مجلسون چاهي مدرسہ هجن يا درسِ قرآن ۽ حديث جون مجلسون يا حضراتِ صوفياءِ ڪرام جي ذڪر جون محفلون، هي فرمان تمام جامع آهي. جنهن مجلس ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف، حضور (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو عشق ۽ اطاعتِ رسول هجي اها مجلس اِڪسِير آهي. (مرآة المناجيح، ۶/۶۰۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ٻُرن ماڻهن جي همنشيني

منا منا اسلامي ڀائرو! هٿڻ تہ ايئن گهرجي تہ اسان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي لاءِ سُنّي ماحول سان وابستہ ٿيون ۽ نيڪ ماڻهن جي صحبت ۾ رهون، انهن کي پنهنجو دوست بڻايون پر افسوس! گناهن جي محبت اسان جي باطن کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. اڄ اسان جو حال اهو آهي تہ چڱن ماڻهن کان پَري ۽ انهن سان بغض رکندا آهيون ۽ انهن کي ڇڏي اهڙن ماڻهن جي همنشيني اختيار ڪندا آهيون جيڪي نہ صرف اسان کي نيڪين کان پَري رکندا آهن بلڪ ڪڏهن



www.dawateislami.net

ڪڏهن گناهن جي دلدل ۾ ڊِڪي ڇڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي صحبت ۽ انهن جي دوستي کان بچڻ بيحد ضروري آهي.

## صرف چڱي صحبت ۾ رهو

الله تعالٰي جي مخلص ٻانهن ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت نصيب ٿي وڃي ته عين سعادت آهي، انهن جي قُرب ۽ انهن جي طرف کان وقتًا فوقتًا ملڻ واري نيڪي جي دعوت جي برڪت سان بيشمار فائدن سان گڏوگڏ اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ گناهن جو علاج به ٿيندو رهندو. ياد رهي ته صِرف ۽ صِرف چڱي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جڏهن ته بُرن ماڻهن جي پاڇي کان پجڻ گهرجي. مڪّي مدني سلطان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: چڱي ۽ بُري ساٿي جي مثال مُشڪ کڻڻ ۽ ڀٺي ڌاڙهڻ واري جيان آهي، مشڪ کڻڻ وارو توکي تحفو ڏيندو يا تون ان کي خريد ڪندي يا توکي ان مان چڱي خوشبو ايندي، جڏهن ته ڀٺي ڌاڙهڻ وارو يا تنهنجا ڪپڙا ساڙيندو يا توکي ان مان ناپسند خوشبو ايندي. (صَحيح مُسلِم ص۱۴۱۴حديث ۲۶۲۸)

چنگے بندے دی صحبت یارو جیویں دکان عطاراں سودا بھاویں مُل نہ لیّے حُلّے آن ہزاراں
بُرے بندے دی صحبت یارو جیویں دکان لوہاراں کپڑے بھاویں کُنج کُنج بیہّے چنگاں پَین ہزاراں

(يعني چڱي جي صحبت عطار (يعني عِطر فروش) جي دڪان جيان آهي جو جتان ماڻهو ڪجهه به نه خريد ڪري پر خوشبو اچي ئي ويندي آهي ۽ بُري ماڻهو جي صحبت لوهار جي دڪان جيان آهي، جتان جيترو به پنهنجي ڪپڙن کي بچائجي، چڻنگون ان تائين پهچنديون ئي آهن.



www.dawateislami.net

## صحبت جي فوري اثرات جون مثالون

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هر صحبت پنهنجو اثر رکندي آهي، مثلاً جيڪڏهن توهان جي ملاقات ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ سان ٿئي، جنهن جي اڪيون ڪنهن عزيز جي موت جي وجہ سان آليون هجن، چهري تي غم جا آثار صاف ظاهر هجن ۽ لهجي مان اداسي ڏسڻ ۾ اچي رهي هجي تہ ان جي اها حالت ڏسي ڪري ڪجهه دير جي لاءِ توهان بہ غمگين ٿي ويندا. ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن اهڙي اسلامي ڀاءُ وٽ ويهڻ جو اتفاق ٿئي جنهن جو چهرو ڪنهن ڪاميابي جي وجهہ سان خوشي سان چمڪي رهيو هجي، چپن تي مرڪ هجي ۽ ان جي ڳالهين مان خوشي جو اظهار ٿي رهيو هجي تہ توهان بہ ڪجهه دير جي لاءِ ان جي خوشي ۾ شريڪ ٿي ويندا.

## سٺي بُري صحبت جا اثرات

اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو شخص اهڙن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪندو جيڪو فڪرِ آخرت کان بلڪل غافل هجي ۽ گناهن جي ارتڪاب ۾ ڪنهن قسم جي شرم محسوس نہ ڪندو هجي گمان آهي تہ اهو بہ جلد ئي انهيءَ وانگر ٿي ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو شخص عاشانِ رسول جي صحبت اختيار ڪري جنهن جي دل فڪرِ مدينہ سان معمور هجي، اهو ڏينهن رات آخرت جي فلاح (يعني ڪاميابي) جي لاءِ پنهنجي اصلاح جي ڪوشش ۾ مصروف رهندو هجي، انهن جون اکيون اللّٰه تعالٰي جي خوف کان روئيندڙيون هجن، تہ اميد آهي تہ اهي ئي ڪيفيات ان شخص جي دل ۾ سَرايَت (يعني اثر) ڪري وجن. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

بُری صحبتوں سے بچایا الٰہی

بنا مجھ کو اچّھا بنا یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنّي صحبت حاصل ڪرڻ جي لاءِ توهان کي پريشان ٿيڻ جي هرگز ضرورت ناهي، تبليغِ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ اعلٰي اخلاقي اوصاف غير محسوس طور تي توهان جي ڪردار جو حصو بڻجندو ويندو. هر اسلامي ڀاءُ کي گهرجي ته اهو پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ شرڪت ڪري ۽ سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪري. ان مدني قافلن ۾ سفر جي برڪت سان اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ پنهنجي سابقه طرزِ زندگي تي غور ۽ فڪر جو موقعو ملندو ۽ دل آخرت جي بهتري جي لاءِ بي چين ٿي ويندو، جنهن جي نتيجي ۾ گناهن جي ڪثرت تي ندامت ٿيندي ۽ توبهه جي سعادت ملندي. عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ فحش ڪلامي ۽ فضول ڳالهائڻ جي جڳهه زبان تي درودِ پاڪ جو ورد هوندو ۽ زبان تلاوتِ قرآن ۽ ذڪر و نعت جي عادي ٿي ويندي، غصي جي جڳهه نرمي، بي صبري جي جڳهه صبر ۽ تحمل، تڪبر جي جڳهه عاجزي ۽ احترامِ مسلم جو جذبو ملندو، اهڙي طرح بار بار راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ واري جي زندگي ۾ مدني انقلاب



www.dawateislami.net

برپا ٿي ويندو. اِنْ شَآءَالله عَزَّوَجَلَّ اسلامي ڀينرن ڪي گهرجي ته پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري اسلامي ڀينرن جي هفتيوار سنتن ڀرئي اجتماع ۾ پابندي سان شرڪت ڪن.

## دل ۽ نڪ جي مرض کان نجات

توهان جي ترغيب جي لاءِ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان ڀرپور هڪ مدني بهار توهان جي گوش گذار ڪريان ٿو جيئن ته مُراد آباد (يو پي) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي تحرير جو خلاصو آهي: تبلغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحرڪ دعوت اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول کان ڀهرين آئون گناهن جي سمنڊ ۾ غرق هئس. نمازن کان دُوري، فيشن پرستي ۽ بي حيائي جي نحوستن ۾ جڪڙيل هئڻ جي سبب منهنجي زندگي جا ڏينهن جيڪي يقينًا انمول هيرا آهن غفلت جي نذر هئا. روحاني امراض کان علاوه آئون جسماني امراض ۾ به گرفتار هئس، جيئن ته نڪ جي هڏي وڌڻ سان گڏوگڏ دل جي بيماري به هئي، جنهن جي وجهه سان ڪافي تڪليف ۾ رهندو هئس. آخرڪار ڪاري رات جا ڪارا ڪڪڙ صاف ٿيا. ٿيو ايئن ته مونکي دعوتِ اسلامي جي تحت سنتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت نصيب ٿي. عاشقانِ رسول جي صحبت جي بدولت منهنجي زندگي جي اندر مدني انقلاب برپا ٿيو ۽ مون تمام سابقه گناهن کان توبه ڪري پنهنجي پاڻ کي سنتن جي رستي تي هلڻ لاءِ جِڏي ڏنو، اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هي برڪت به مون کي نصيب ٿي ته مدني قافلي کان واپسي تي منهنجي نڪ جي هڏي دُرُست ٿي چڪي هئي ۽ ڪجھ ڏينهن کان پوءِ منهنجي دل جو مرض به ختم ٿي ويو.



www.dawateislami.net

دل میں گر دَرد ہو ڈر سے رُخ زرد ہو پاؤ گے فرحتیں قافلے میں چلو
ہے شِفا ہی شِفا، مرحبا! مرحبا! آ کے خود دیکھ لیں، قافِلے میں چلو
(وسائل بخشش ص ۶۱۲)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته معاشري جي هڪ بگڙيل شخص کي جڏهن مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي سعادت ۽ ان دوران عاشقانِ رسول جي صحبت ميّسر آئي ته ان جي اصلاح جا به اسباب ٿيا ۽ بِفَضلِهٖ تعالیٰ اهو جسماني بيمارين کان صحتياب ٿي ويا. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي نڪ جي وڌيل هڏي به دُرُست ٿي ۽ دل جي مهلڪ مرض کان به سندن نجات ملي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڪنهن به شخص جي صحبت اختيار ڪرڻ کان پهرين هي غور ڪرڻ گهرجي ته مونکي ان جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي يا نه. ڇو جو ترمذي شريف جي حديث ۾ آهي: ماڻهو پنهنجي دوست جي دين تي هوندو آهي ته ان کي ڏسڻ گهرجي ته اهو ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي. (ترمذی، کتاب الزہد، باب۴۵-، ۴/۱۶۷، الحدیث: ۲۳۸۵)

ان سلسلي ۾ حضرتِ سَيدُنا امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْوَالِي جن دوستي ۽ صحبت جون جيڪي شرائط بيان فرمايون آهن ان جي مطابق عمل ڪرڻ به بيحد مفيد آهي. جيئن ته،



www.dawateislami.net

## صحبت ڪنهن جي اختيار ڪجي؟

دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي مطبوعہ 1393 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”احياء العلوم“ جلد 2، صفحي 617 تي حجة الاسلام حضرت سيّدنا امام محمد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: اهڙي شخص جي صحبت اختيار ڪئي وڃي جنهن ۾ پنج 5 خصلتون هجن: (1) عقلمند هجي (2) چڱي اخلاق جو مالڪ هجي (3) فاسق نہ هجي (4) گمراهہ نہ هجي (5) دنيا جو حريص نہ هجي.

### (1) عقل مند هجي

(ڪنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جي لاءِ عقل جي قيد ان لاءِ لڳائي چو جو) عقل انسان جي لاءِ اصل جي حيثيت رکندي آهي، بيوقوف سان گڏ ويهڻ سان ڪو فائدو ناهي، ان جو ساٿ ڪيترو ئي وڏو چو نہ هجي (پر) انجامِ ڪارو وحشت ۽ جدائي هوندو آهي. عقل مند جي صحبت اختيار ڪرڻ ان لاءِ ضروري آهي جو بيوقوف شخص جيڪڏهن توکي فائدو پهچائڻ ۽ تنهنجي مدد ڪرڻ جو ارادو ڪندو آهي تہ تڏهن بہ توکي نقصان رسائيندو آهي ۽ ان کي ان ڳالهہ جو علم ناهي هوندو. انهي وجهہ سان چيو ويو آهي تہ ”بيوقوف کان پَري رهڻ، الله عَزَّوَجَلَّ جي قرب جو ذريعو آهي.“ حضرت سيّدنا سفيان ثوري عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی جن فرمايو: ”بيوقوف جي چهري جي طرف نظر ڪرڻ هڪ خطا آهي جيڪا لکي ويندي آهي“ عقل مند مان اسان جي مراد اهو شخص آهي جيڪو شين ان جي حقيقت جي مطابق سمجهندو آهي، چاهي بذاتِ خود سمجهندو هجي يا ڪنهن جي سمجهائڻ سان.



www.dawateislami.net

تمھیں لُطف آجائے گا زِندگی کا
قریب آکے دیکھو ذرا مدنی ماحول

## (2) چڱي اخلاق جو مالڪ هجي

جنھن جي صحبت اختيار ڪئي وڃي ان جو اخلاق بہ سنو هئڻ ضروري آهي ڇو جو ڪيترائي عقل مند شين جي حقيقتن ڪان تہ واقف هوندا آهن پر جڏهن انهن تي غصو، خواهش، بخل، بزدلي غالب اچي وڃي تہ اهو پنهنجي نفس جي پيروي ڪندا آهن ۽ جيڪو ڪجھ انهن کي معلوم هوندو آهي ان جي مخالفت ڪندا آهن، ڇو جو اهي پنهنجي (اندروني) خوبين تي قابو ڪرڻ ۽ سٺا اخلاق اختيار ڪرڻ ڪان عاجز هوندا آهن، تنهنڪري اهڙا بد اخلاق شخصن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي.

تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا
رہے گا سدا خوشنما مدنی ماحول

## (3) فاسق نہ هجي

اهو فاسق جيڪو پنهنجي فسق (يعني گناهن) ڪان باز نہ اچي، ان جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ ڪو فائدو ناهي ڇو جو جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄندو آهي اهو ڪبيره گناهن تي اصرار ناهي ڪندو ۽ جنھن کي الله عَزَّوَجَلَّ جو خوف ناهي، نہ ان جو فساد ڪان بچڻ ممڪن آهي نہ (ئي) ان جي ڳالھ جو ڪو ڀروسو بلڪ اهو پنهنجي غرض جي مطابق ڪلام ڪندو آهي. (جيئن تہ سيپاري 15 سُوْرَۃُ الْکَھْف، آيت نمبر 28 ۾) الله عَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:



www.dawateislami.net

وَلَا تُطِعْ مَنْ اَغْفَلْنَا قَلْبَهٗ عَنْ ذِكْرِنَا وَ اتَّبَعَ (پ۱۵،الکهف:۲۸)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ ان جو چيو نہ ڪر جنهن جي دل اسان پنهنجي ياد ڪان غافل ڪري ڇڏي ۽ اهو پنهنجي سڌ جي پٺيان هليو.

(اهڙي طرح) هڪ ٻي مقام تي (سيپاري 27 سُوْرَةُ النَّجْمِ ۽ آيت نمبر 29 ۾) ارشاد ٿئي ٿو:

فَاَعْرِضْ عَنْ مَّنْ تَوَلّٰى ﳔ عَنْ ذِكْرِنَا وَ لَمْ يُرِدْ اِلَّا الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﭙ (پ27،النجم29)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ تون انهن کان منهن ڦير جيڪو اسان جي ياد کان ڦري ويو ۽ ان نہ گهري مگر دُنيا جي زندگي

ان آياتِ مبارڪ جو مفهوم اهو آهي تہ فاسقن کان پَري رهو. فسق ۽ فاسقن جو مشاهدو ڪرڻ ۽ ان سان گڏ رهڻ سان دل گناھ جي طرف مائل ٿيندو آهي، ان جي نفرت ختم ٿي ويندي آهي. جيئن تہ حضرت سيّدنا سعيد بن مُسيَّب رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ظالمن جي طرف نہ ڏسو ڪٿي توهان جا اعمال برباد نہ ٿي وڃن، انهن جي هم نشيني ۾ سلامتي ناهي بلڪ سلامتي تہ انهن سان تعلق ختم ڪرڻ ۾ آهي.“

نبی کی محبت میں رونے کا انداز
چلے آؤ سکھلائے گا مدنی ماحول

(4) **گمراه نہ هجي**

گمراھ جي صحبت اختيار ڪرڻ سان خود گمراھ ۽ بدبخت ٿي وڃڻ جو انديشو آهي، تنهنڪري گمراھ شخص ان ڳالھ جو مستحق آهي تہ ان کان پري رهيو وڃي ۽ ان سان قطع تعلق ڪيو وڃي. گمراھ



www.dawateislami.net

شخص جي صحبت ڪيئن فائدو ڏئي سگھي ٿي جڏهن ته خليفه ء دُوُم اَمِيرُالمُؤمِنِين حضرتِ سيدُنا فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن دين دار دوست تلاش ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي، جيئن ته حضرتِ سيدُنا سَعِيد بن مُسَيب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ڪان مروي آهي ته حضرتِ سيدُنا عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُ جن فرمايو: توهان کي گھرجي ته اهڙو سچو دوست تلاش ڪر جنهن جي ڇانو ۾ زندگي گذاري سگھين ڇو جو دوست خوشحالي جي وقت زينت ۽ تنگي جي وقت اميد هوندو آهي، پنهنجي دوست جي متعلق هميشه سنو گمان رکو، ايستائين جو تنهنجو گمان غالب اچي وڃي، پنهنجي دشمن ڪان پَري رهو ۽ دوستن ڪان سواءِ امانت دار جي سڀ ڪان ڊڄندا رهو ۽ امانت دار اهو ئي آهي جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄندو آهي، تنهنڪري ڪنهن فاجر جي صحبت اختيار نه ڪر نه ته تون به فسق ۾ مبتلا ٿي ويندي ۽ فاسق کي پنهنجو راز نه ٻڌائي بلڪ پنهنجي معاملات ۾ انهن ماڻهن سان مشورو ڪر جيڪي الله عَزَّوَجَلَّ ڪان ڊڄندا آهن.“

بُری صحبت سے کنارہ کشی کر

کے اچھوں کے پاس آکے پا مدنی ماحول

### (5) دنيا جي حريص نه هجي

(دنيا جي حريص جي صحبت ڪان بچو جو) اهڙي شخص جي صحبت زهرِ قاتل آهي، ڇو جو طبيعتون فطري طور تي هڪ ٻي سان مشابهت رکنديون ۽ هڪ ٻي جي پيروي ڪنديون آهن، بلڪ هر طبيعت ٻي ڪان ضرور ڪجھ نه ڪجھ ضرور چورائيندي آهي ۽ انسان کي ان



www.dawateislami.net

جي خبر به نه پوندي آهي، دنيا جي حرص ۾ مبتلا شخص جي صحبت دنيا جي حرص پيدا ڪندي آهي ۽ زاهد جي صحبت دنيا کان ڪناره ڪشي تي اپاريندي آهي. تنهنڪري دنيا جي طالبن جي صحبت مڪروه ۽ آخرت جي طرف راغب ماڻهن جي صحبت کي مستحب قرار ڏنو ويو آهي.

امير المؤمنين حضرت سيّدنا علي المرتضٰي كَرَّمَ اللهُ تَعَالٰى وَجْهَهُ الْكَرِيْم جو ارشاد آهي: جنهن کان حيا ڪئي ويندي آهي انهن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪري نيڪين کي زنده ڪريو.

اے بیمارِ عصیاں تُو آجا یہاں پر
گناہوں کی دیگا دَوا مدنی ماحول

## علماء جي صحبت دل جي لاءِ ڪيتري ضروري آهي

حضرت سيّدنا لقمان حڪيم عَلَيْهِ رَحمَةُ اللهِ الكَرِيم جن پنهنجي پُٽ کي فرمايو: اي پٽ! علماء جي مجلس کي اختيار ڪر ۽ پنهنجا گوڏا انهن جي سامهون وڇائي ڇو جو دل حڪمت سان زندگي ماڻيندا آهن جهڙي طرح زمين مينهن (بارش) جي قطرن سان زندگي حاصل ٿيندي آهي.
(احياء العلوم، ۲/۶۱۷ تا ۶۲۶ ملتقطاً)

ہمیں عالموں اور بُزرگوں کے آداب
سکھاتا ہے ہر دَم سدا مدنی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

منا منا اسلامي ڀائرؤ! امام غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي جي بيان سان جتي ڪنهن جي صحبت اختيار ڪرڻ جا شرائط معلوم ٿيا، اتي آخر ۾ علماءِ ڪرام جي صحبت اختيار ڪرڻ جي ترغيب به ملي.

واقعي علماءِ دين جو مقام ۽ مرتبو عام ماڻهن کان بلند هوندو آهي ۽ انهن جي صحبت سان دين ۽ دنيا جون بي شمار ڀلايون حاصل ٿينديون آهن. پر افسوس! اڄڪلهه معاشري ۾ ڪجهه اهڙا بدنصيب ۽ محروم ماڻهو به ملن ٿا جيڪي اُمّت جي ان محسنين ۽ خيرخواهه حضرات کي پنهنجي تنقيد جو نشانو بڻائي ڪري انهن تي بي جا اعتراض ۽ ناحق طعن و تشنيع ڪندي نظر اچن ٿا. ياد رهي ته علماءِ ڪرام دينِ اسلام جي لاءِ ٿنڀ جي حيثيت رکن ٿا. اچو ته! علماءِ جي متعلق قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ ڪجهه مدني گُل ٻڌون ٿا ته جيئن اسان جي دل ۾ علماء جي محبت ۽ چاهت ۽ قدر ومنزلت مزيد وڌي ۽ جيڪي ماڻهو علماء جي مقام ۽ مرتبي کان ناواقف آهن، انهن جي دل ۾ به علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي اهميت اجاگر ٿئي ۽ اهي به انهن جي قدر ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن ڇو جو انهن جي قدر و منزلت ڪي سڃاڻيندي انهن جي صحبت ۾ ويهڻ، انهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ، انهن تي اعتراض ڪرڻ کان بچڻ ۽ دين ۽ دنيا جي تمام معاملات ۾ انهن کان رهنمائي حاصل ڪرڻ ۾ ٻنهي جهانن جون ڀلايون آهن.

## دين جا رهنما

الله عَزَّوَجَلَّ سيپاري 14 النَّحۡلِ، آيت نمبر 43 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:



www.dawateislami.net

فَسۡـَٔلُوۡۤا اَہۡلَ الذِّکۡرِ اِنۡ کُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ ﴿۴۳﴾ (پ۱۴،النحل:۴۳)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ علم وارن کان پڇي ڏسو جيڪڏهن توهان کي علم نہ آهي.

هن آيتِ ڪريمہ جي تفسير ۾ لکن ٿا: حديث شريف ۾ آهي: ”بيماريِ جهل جي شفاء عُلماء کان دريافت (پڇڻ) آهي.“

آيتِ ڪريمہ ۽ ان جي تفسير سان علماء جو مقام ۽ مرتبو معلوم ٿئي ٿو ڇو جو ماڻهن جا مسائل حل ڪرڻ جي لاءِ ان مبارڪ هستين کي مرجعِ خلائق ۽ دين جي عظيم رهنما جي حيثيت ڏني وئي آهي، تفسير جي متعدد ڪتابن ۾ لکيل آهي تہ ان آيتِ ڪريمہ ۾ اشارو آهي تہ جيڪي مسائل معلوم نہ هجن ان جي لاءِ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيڻ واجب آهي. (روح البيان، پ۱۴، النحل ،تحت الآية: ۴۳،۵/۳۷)

اچو تہ پنهنجي دل ۾ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي محبت پيدا ڪرڻ جي لاءِ علماء جي شان ۾ ست 7 فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون ٿا.

## علماء جي شان ۾ ست فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1. عالم زمين ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي دليل ۽ حجّت آهي تہ جنهن عالم مان عيب ڪڍيو اهو هلاڪ ٿي ويو. (جامع صغير، ص ۳۴۹، حديث: ۵۶۵۸)
2. بيشڪ زمين ۾ علماء جي مثال ان ستارن جيان آهي جنهن ڪائنات جي اونداهہ ۾ رهنمائي حاصل ڪئي ويندي آهي تہ جڏهن ستارا جهڪا ٿي وڃن تہ قريب آهي هدايت يافتہ ماڻهو گمراهہ ٿي وڃن. (مسند امام احمد ، مسند انس بن مالڪ، ۴/۳۱۴،حديث:۱۲۶۰۰)
3. علم سان گڏ ٿورو عمل بہ نفعو ڏيندو آهي پر جهالت سان گڏ گهڻو عمل بہ نفعو نہ ٿو ڏئي. (جامع بيان العلم، ص ۶۵، حديث:۱۹۷)



www.dawateislami.net

4. اَلْعِلْمُ حَيَاةُ الْاِسْلَامِ وَعِمَادُ الْاِيْمَانِ علم اسلام جي زندگي ۽ دين جو ٿنڀ آهي.

5. مَنْ طَلَبَ الْعِلْمَ تَکَفَّلَ اللّٰهُ بِرِزْقِهٖ جيڪو شخص علم جي طلب ۾ رهندو آهي، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي رزق جو ضامن آهي.

6. مَنْ سَلَکَ طَرِيْقًا يَلْتَمِسُ فِيْهِ عِلْمًا سَهَّلَ اللّٰهُ لَهٗ بِهٖ طَرِيْقًا اِلَی الْجَنَّةِ جيڪو اهڙي رستي تي هلي جنهن ۾ عِلم کي تلاش ڪري، ان جي سبب الله عَزَّوَجَلَّ ان جي لاءِ جنت جو رستو آسان فرمائي ڇڏيندو آهي.

7. علماء، انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا وارث آهن، بيشڪ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام درهم ۽ دينار جا وارث نہ تا بڻائن بلڪ اهي تہ عِلم جا وارث بڻائن ٿا، جنهن علم حاصل ڪيو ان پنهنجو حصو وٺي ورتو ۽ عالمِ دين جي موت هڪ اهڙي آفت آهي جنهن جو ازالو (ڀرپائي) نہ ٿي ٿي سگهي ۽ هڪ اهڙو خَلا آهي جنهن کي ڀَري نہ ٿو سگهجي (جڻ تہ) اهو هڪ ستارو هو جيڪو جَهڪو ٿي ويو، هڪ قبيلي جي موت هڪ عالم جي موت جي مقابلي ۾ نهايت معمولي آهي. (شعب الايمان،باب فی طلب العلم،۲/۲۶۳،حديث:۱۶۹۹)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرؤ! پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان فرامين کي ٻڌي ڪري يقينًا سڀ جي دلين ۾ علماءِ ڪرام جي مقام ۽ مرتبي ۽ ان جي محبت ۾ مزيد اضافو ٿيو هوندو. افسوس! هر شخص پنهنجي اولاد کي ڊاڪٽر يا انجينئر ڪرڻ جي خواهش رکيندو آهي پر انهن کي



www.dawateislami.net

عالمِ دين بنائڻ جي خواهش رکڻ وارا تمام گهٽ ماڻهو آهن، ماڻهو اولاد کي پنهنجي دنيوي سهارو بنائڻ جي ته ڪوشش ڪندا آهن پر محشر جي ڏينهن ان جي هولناڪين جي باري ۾ ناهن سوچيندا جڏهن ماڻهو جي حالت اها هوندي، جيئن ته سيپاري 30، سُوْرَةُ عَبَسَ، آيت نمبر 34 کان 36 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿۳۴﴾ وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ ﴿۳۵﴾ وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيْهِ ﴿۳۶﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ان ڏينهن ماڻهو ڀڄندو پنهنجي ڀاءُ ۽ ماءُ ۽ پيءُ ۽ زال ۽ پٽن کان.

(پ30، عَبَس:34،36)

(يعني) ان ۾ ڪنهن جي طرف مُلْتَفِتْ (متوجه) نه ٿيندو، پنهنجي ئي فڪر هوندي. (خزائن العرفان، پ ۳۰، عبس، تحت الآية: ۳۶) پر ان بي ڪسي جي عَالَم ۾ علماءِ ڪرام جي شان اها هوندي ته اهي ماڻهن جي شفاعت ڪري رهيا هوندا. ياد رهي ته جيڪڏهن اهلِ دنيا، علماءِ دين کي ان جي سادي لباس ۽ مال و دولت جي ڪمي جي سبب حقير سمجهن پر عنقريب اهي ان وقت علماء جو مرتبو ڄاڻي وٺندا جڏهن ميدانِ محشر ۾ اهلِ دنيا پنهنجو بار ڪڻي ڦري رهي هوندي، پر علماء جي مٿي تي عزت جو تاج هوندو، ان وقت سيني تي ظاهر ٿي ويندو ته حقيقي عزت وارو اهو آهي جيڪو مالڪِ روزِ جزاء عَزَّوَجَلَّ جي بارگاه ۾ عزت وارو آهي.

## رسالو "علماء تي اعتراض منع آهي" جو تعارف

علماء جي قدر و منزلت ۽ انهن جو مقام ۽ مرتبو ڄاڻڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه کان 33 صفحن تي



www.dawateislami.net

مشتمل رسالو بنام ”علماء تي اعتراض منع آهي“ هديو ڏئي حاصل ڪري ان جو مطالعو فرمايو. ان رسالي ۾ توهان پڙهندا ته وڏا وڏا شاهانِ وقت علماء جو ڪيتري قدر احترام ڪندا هئا، هڪ عالِم، غير عالم تي ڇو فضيلت رکندو آهي؟ علماء جي توهين ڪڏهن ڪفر آهي ۽ ڪڏهن نه؟ شيطان ماڻهن کي علماء کان ڇو پَري ڪندو آهي؟ گڏوگڏ اعلٰي حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحمَةُ الرَّحْمٰن ۽ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جن علماء جي شان ڪهڙن الفاظن ۾ بيان فرمائي آهي؟ ته اڄ ئي هي رسالو ”عُلماء تي اعتراض منع آهي“ مڪتبة المدينه کان حاصل ڪري نه صرف خود پڙهو بلڪ تقسيمِ رسائل ڪري يعني ٻين کي تحفي طور پيش ڪري بي شمار اجر و ثواب ڪمايو. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جي مقام ۽ مرتبي کي سمجهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى الله تعالٰى عليه واٰلهٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## جامعة المدينه ۾ داخلا وٺو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي علم ۾ دوستي، اشاعتِ علمِ دين جي تڙپ ۽ علماءِ ڪرام سان محبت جي نتيجي ۾ دعوتِ اسلامي جي زيرِ انتظام درسِ نظامي يعني عالم ڪورس ڪرائڻ جي لاءِ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ جو قيام عمل ۾ آندو ويو آهي. پوري پاڪستان ۾ جامعات المدينه کان هر سال علماءِ ڪرام فارغ التحصيل ٿي ڪري پنهنجي منصب جي مطابق فرائض انجام ڏئي رهيا



www.dawateislami.net

آهن. اڇو ته انبياءِ ڪرام جي وراثت ۾ حصو حاصل ڪرڻ جي لاءِ يعني علمِ دين حاصل ڪرڻ جي لاءِ جامعة المدينہ ۾ داخلا وٺو، پنهنجي اولاد کي داخلا ڏياريو ته جيئن اهي به علمِ دين جا انمول موتي حاصل ڪري سگهن، يقينًا علمِ دين ئي سڀ کان وڏي دولت آهي. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي خوب خوب علمِ دين جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## الوداع ماهِ رمضان

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضانُ المبارڪ پنهنجي جهولي ۾ رحمتن ۽ برڪتن جا خزانہ ڪٺي اسان جي درميان جلوه گر ٿيو ۽ هاڻي عنقريب اسان کان رخصت ٿي ويندو. افسوس! اسان ان مهيني جو حق ادا نہ ڪري سگهياسين. آه! ان جي رخصت ٿيندي ئي عبادتن جو ذوق بہ گهٽ ٿي ويندو.

تیرے آنے سے دِل خوش ہوا تھا اور ذوقِ عبادت بڑھا تھا
آہ اب دل پہ ہے غم کا غَلَبہ اَلوَدَاع اَلوَدَاع آہ رمضاں

اڇو تہ رمضان جي بقايا گهڙين کي غنيمت ڄاڻيندي نيڪين ۾ ۽ وڌيڪ ڪوشش ڪريون ۽ هي بہ نيت ڪريون تہ ماهِ رمضانُ المبارڪ ۾ عمل جو جذبو نصيب ٿيو ان کي سال جي باقي يارهن مهينن ۾ بہ قائم رکڻ جي ڪوشش ڪنداسين. بالخصوص عيدِ سعيد جي موقعي تي گناهن ۾ مبتلا ٿي ڪري رمضانُ المبارڪ جي سڄي محنت ضايع ڪرڻ کان بجائي خوشين ڀريا لمحات بہ الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي احڪامات جي مطابق گذارڻ جي ڪوشش ڪنداسين. عمومًا عيد جو



www.dawateislami.net

چند نظر ايندي ئي ماڻهو عيد جي خريداري (Shopings) وغيره ۾ مصروف ٿي ويندا آهن. ايئن اهي عيد جي رات عبادتن جي برڪتن کان محروم رهجي ويندا آهن. ياد رهي! عيد جي رات جنهن کي اسين غفلت جي نذر ڪري ڇڏيندا آهيون، ان ۾ عبادت ڪرڻ واري جي لاءِ تمام وڏن انعامن جي بشارت آهي. اچو ته! انهي متعلق ٻه فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهون.

## عيد جي رات جي عبادت

1. جنهن عيدين جي رات (يعني شبِ عيدالفطر ۽ شبِ عيدُالاضحٰي) طلبِ ثواب جي لاءِ قيام ڪيو، ان ڏينهن ان جو دل نه مَرندو، جنهن ڏينهن (ماڻهن جا) دل مَري ويندا. (سُنَنِ ابنِ ماجه ج٢ص٣٦٥، حديث١٧٨٢)
2. جيڪو پنج راتين ۾ شبِ بيداري ڪري ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. ذِي الْحِجّه شريف جي اٺين (8)، نائين (9) ۽ ڏهين (10) رات (اهڙي طرح ٽي (3) راتيون ته اهي ٿيون) ۽ چوٿين (4) عِيدُالفِطْر جي رات، پنجين (5) شَعبانُ المُعظّم جي پندرهين (15) رات (يعني شبِ بَرَاءَت). (اَلتَّرْغِيْب وَالتَّرْهِيْب، ج٢،ص٩٨، حديث:٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڇهه عيد جا روزا

پيارا اسلامي ڀائرو! اها ته نيت ڪري ونو ته رمضانُ المبارڪ ۾ روزن ۾ جون جيڪي برڪتون حاصل ٿيون ان برڪتن کي مزيد وڌائڻ جي لاءِ رمضان کان بعد نفلي روزا رکڻ جي به ڪوشش ڪنداسين.



www.dawateislami.net

بالخصوص شوّال جي ڇهه 6 روزا رکڻ جون ڀرپور ڪوشش ڪنداسين.
اچو تہ ڇهه روزن جا فضائلن تي مشتمل ٽي فرامينِ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون.

1. جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ڇهه ڏينهن شوّال ۾ رکيا تہ گناهن کان ايئن نڪري ويو جيئن اڄ ئي ماءُ جي پيٽ کان پيدا ٿيو هجي. (مجمع الزوائد ج۳ ص۴۲۵حديث۵۱۰۲)
2. جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ ان کان بعد ڇهه شوّال ۾ رکيا. تہ ايئن آهي جيئن پوري عمر روزا رکيا. (صحيح مسلِم ص۵۹۲حديث۱۱۶۴)
3. جنهن عيدُالفطر کان بعد (شوّال ۾) ڇهه روزا رکي ورتا ان پوري سال جا روزا رکيا جيڪو هڪ نيڪي آڻيندو ان کي ڏهہ ملنديون. (سنن ابن ماجه ج۲ص۳۳۳حديث۱۷۱۵)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ نيڪي جو ڏهہ گنا ثواب

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪرم ۽ ان جي حبيبِ مڪرّم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي پوري سالم جي روزن جو ثواب حاصل ڪرڻ ڪيترو آسان ڪري ڇڏيو. هر هڪ مسلمان کي هي سعادت حاصل ڪرڻ گهرجي. هڪ سال جي روزن جي ثواب جي حڪمت هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪمزور ٻانهن جي لاءِ فقط پنهنجي فضل سان هڪ نيڪي جو ثواب ڏهہ گنا رکيو آهي. جيئن تہ سيپاري 8، سورۃُ الۡاَنۡعَام ۽ آيت نمبر 160 ۾ خداءِ رحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ برڪت نشان آهي:



www.dawateislami.net

مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ۚ (پ8، الانعام:160)

ترجمو ڪنزالايمان: جنهن هڪ نيڪي ڪئي تہ ان جي واسطي ان جهڙيون ڏهہ آهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ ايئن ماهِ رمضان جا روزا ڏهہ مهينن جي روزن جي برابر ٿيا ۽ ڇهہ روزا سٺ روزن جي برابر، اهڙي طرح پوري سال جي روزن جو ثواب حاصل ٿي ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰهِ عَلٰی اِحْسَانِهٖ۔

## ڇهہ عيد جا روزا ڪڏهن رکيا وڃن

منا منا اسلامي ڀائرو! صَدرُ الشّرِيعه بَدرُ الطّرِيقه، حضرت علامه مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِی بهارِ شَرِيعَت جي حاشيہ ۾ فرمائن ٿا: بهتر هي آهي تہ هي روزا متفرق (يعني ناغہ ڪري رکيا وڃن ۽ عيد کان بعد لڳاتار ڇهہ ڏينهن ۾ گڏ رکي ورتا، تڏهن بہ ڪو حرج ناهي. (بہارِ شريعت، حصہ ۵، ص۱۴۰)

خليلِ ملت حضرتِ علامه مولانا مُفتي محمد خليل خان قادِري برڪاتي عَلَيْهِ رَحمَةُ اللّٰهِ الْهَادِی فرمائن ٿا: هي روزا عيد کان بعد لڳاتار رکيا وڃن تڏهن بہ ڪو حرج ناهي ۽ بهتر هي آهي تہ متفرّق (يعني ناغہ ڪري) رکيا وڃن يعني هر هفتي ۾ 2 روزا ۽ عيدُ الفطر جي ٻي ڏينهن هڪ روزو رکي وٺي ۽ پوري مهيني ۾ رکي تہ وڌيڪ مناسب معلوم ٿيندو آهي. - (سُنّی بہشتی زيور ص۳۴۷) الغرض عيدُ الفطر جو ڏينهن ڇڏي ڪري سڄي مهيني ۾ جڏهن چاهي ڇهہ عيد جا روزا رکي سگهجن ٿا.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## عيد جي رات مدني قافلي ۾ سفر

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪيترا ئي عاشقانِ رسول ۽ عاشقانِ رمضان پوري رمضان جي مهيني يا آخري عشري جي سُنت اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪئي، الله عَزَّوَجَلَّ اعتڪاف ڪرڻ پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي. دورانِ اعتڪاف قرآنِ ڪريم ڪي دُرست مخارج سان گڏ پڙهڻ، نماز جو عملي طريقو، نمازِ جنازه جو طريقو، فرض عُلوم سکڻ جو موقعو مليو هوندو. ڪيترين ئي دعائون ياد بہ ڪيون هونديون، عاشقانِ رمضان جي صحبت ۽ دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول جي برڪت سان گناهن تي ندامت جا لڙڪ وهائڻ کان پوءِ سچي توبه ۽ آئنده الله عَزَّوَجَلَّ ۽ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري ۾ سنتن ڀرئي زندگي گذارڻ جو مدني ذهن بڻجو هوندو، زندگي ڪي غنيمت ڄاڻيندي خوب خوب مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ جو جذبو مليو هوندو. پر ياد رکو! شيطان اسان جو کليو دشمن آهي، هي بدبخت ڪڏهن بہ نہ چاهيندو تہ اسان توبه تي ثابت قدم رهون، گناهن کان منهن موڙي نيڪين ڀرئي زندگي گذاريون، جيڪڏهن اسين چاهيون ٿا تہ رمضان جون يادون تازه رهن، جيڪو ڪجهہ سکيو آهي اهو بہ ياد رهي ۽ ان تي عمل جي سعادت بہ حاصل ٿئي تہ منهنجو مشورو آهي تہ چند رات يا عيد جي ڏينهن هتو هٿ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ اسان بہ سفر جي سعادت حاصل ڪريون. الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت مان اميد آهي، ان سفر جي برڪت سان عيد جي ڏينهن جي مبارڪ گهڙيون گناهن ڀرئي صحبتن ۾ گذارڻ کان بچائي، الله عَزَّوَجَلَّ جي گهر ۾ گذرنديون، روحاني سڪون نصيب ٿيندو ۽ مدني ماحول ۾ استقامت جو سامان بہ ٿيندو. اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ



www.dawateislami.net

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

عطائے حبیبِ خدا مَدنی ماحول ہے فَیضانِ غوث ورضا مَدنی ماحول
بفَیضانِ احمد رضا اِن شاءَ اللہ یہ پُھولے پھلے گا سدا مَدنی ماحول
اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ تم آجاؤ دیگا سِکھا مَدنی ماحول
تُو داڑھی بڑھا لے عِمامہ سجا لے نہیں ہے یہ ہرگز بُرا مَدنی ماحول
بُری صحبتوں سے کَنارہ کَشی کر کے اچّھوں کے پاس آکے پا مَدنی ماحول
تنزُّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی ترقّی کا باعث بنا مَدنی ماحول
تمہیں لُطف آ جائے گا زندگی کا قریب آکے دیکھو ذرا مَدنی ماحول
نبی کی مَحبّت میں رونے کا انداز چلے آؤ سِکھلائے گا مَدنی ماحول
تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا رہے گا سدا خوشنما مَدنی ماحول
سَنور جائے گی آخرت اِن شاءَ اللہ تم اپنائے رکھّو سدا مَدنی ماحول
بَہُت سخت پچھتاؤ گے یاد رکھّو نہ عطارؔ تم چھوڑنا مدنی ماحول

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشکوٰۃ ج 1 ص 55 حديث 175)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا



www.dawateislami.net

## سرمو لڳائڻ جا چار مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! شيخ طريقت امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي ”101 مدني گل“ مان ”اِثمد“ جا (4) حُروف جي نسبت سان سرمو پائڻ جا 4 مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريون ٿا.

﴿1﴾ ”سنن ابن ماجه“ جي روايت ۾ آهي: ”سيني سرمن مان بهتر سرمو ”اِثمِد“ آهي جو اهو نظر کي روشن ڪري ۽ پلڪون وڌائي ٿو“. (ابن ماجه، حديث 3497 ج 4 ص 115)

﴿2﴾ پٿر جو سرمو استعمال ڪرڻ ۾ حرج ناهي ۽ ڪارو سرمو يا ڪجل زينت جي قصد (يعني زينت جي ارادي) سان مرد کي لڳائڻ مکروهه آهي ۽ زينت جو ارادو نه هجي ته ڪراهت ناهي. (عالمگيري ج 5 ص 359)

﴿3﴾ سرمو سمهڻ مهل استعمال ڪرڻ سنّت آهي. (مِراٰة المناجيح ج 6 ص 180)

﴿4﴾ سرمي استعمال ڪرڻ جي ٽن منقول طريقن جو خلاصو پيش خدمت آهي: (1) ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٽي ٽي سرائيون (2) ڪڏهن ساڄي اک ۾ ٽي ۽ کاٻي ۾ ٻه، (3) ته ڪڏهن ٻنهي اکين ۾ ٻه ٻه ۽ وري آخر ۾ هڪ سرائي کي سرمي واري ڪري ان کي واري واري سان ٻنهي اکين ۾ لڳايو. (شعب الايمان ج 5 ص 218، 219) اهڙي طرح ڪرڻ سان ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ ٽنهي طريقن تي عمل ٿيندو رهندو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينه** جا شايع ٿيل ٻه ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو    سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو



www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

---

1 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2 ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65



www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4)ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن

---

[1] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149



www.dawateislami.net

فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته ائين پڙهندو آهي.(1)

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.(2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِىَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

---

1...القول البديع، الباب الاول، ص125

2... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net

## (2) هر رات عبادت ۾ گذارڻ جو آسان نسخو

غرائب القرآن صفحه 187 تي هڪ روايت نقل ڪئي وئي آهي ته جيڪو شخص رات ۾ ٽي ڀيرا هي دعا پڙهندو ته ان جڻ شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو لهٰذا هر رات هي دعا پڙهڻ گهرجي. دعا هي آهي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ۔

”يعني خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي.“

(فيضانِ سنّت ج اوّل، ص 1163، 1164)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net